SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1973

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973

سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973

THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافوءِ شروعات
Short title, extend and commencement

2. وصفون
Definitions

3. رهتن جو اعلان
Declaration of dues

4. قاعدن جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973
سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973
THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973

[12 مئي 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت ملیل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and

1. هن آرڊيننس کي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مفهوم جي متضاد نہ هجي هيٺين اظهارن جون معنائون ترتيبوار هيٺين ريت هونديون:

(a)"ڊفالٽر" مطلب اهو شخص جنهن تي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جون واجب الادا رهتون آهن ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو اهڙين ڪن رهتن جي ادائگي جو ضامن هجي؛

(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(c) "سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ" مطلب تاريخ 2 جون 1947 تي سنڌ حڪومت جي نھراءَ نمبر 1_24_I.B/47 تحت قائم ڪيل سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ڪمپني.

رهتن جو اعلان
Declaration of dues

3. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان ڪري سگھي ٿي تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ طرفان واجب الادا رهتون يا رهتن جو ڪو قسم ڊفالٽرز کان لينڈ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هوندو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت نوٽيفڪيشن شايع ٿيڻ کانپوءِ اهڙيون ڪي بہ رهتون روينيو رڪوري ايڪٽ، 1890 (1890 جو ايڪٽ I) تحت لينڈ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هونديون.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

4.حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.